ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# ڳنڍيل/ ٻٽي آواز (Cluster of sounds) ۾ ساڪن آواز جي ميلاپ جو معاملو


### *Abstract:*

*In Sindhi Language, Cluster of sounds is always composed of three sounds: two consonant and one vowel. Consonants available in that cluster are again of two types;*

1. *Vowel consonant*
2. *Vowel-less consonant*

*Once again that vowel-less consonant has two possibilities according to its function in the cluster. Either it will make its unison with earlier immediate vowel consonant or it will make unison with coming forth vowel consonant. For instance:*

1. *Il'mu عِلّمُ, Mat'labu مَطّلَبُ, Mak'tabu مَڪّتَبُ and Ghin'ti گهِنّٽي*

   *In these words, the vowel-less consonants 'L, T, L and N'( ل, ط, ڪ, and ن) have made unison with earlier short vowel consonants 'I, M, M and gh' عِ, مَ, مَ and گهِ to form clusters of sounds. عِلّ, مَطّ, مَڪّ, گهِنّ Vowel-less consonants used in these examples can be named 'Cluster Closing Vowel-less Consonants'; because, those vowel-less consonants close the respective clusters.*

2. Pyar , پيارُ dhyan , ڌيانُ ddukhyo ڏُکيو and Sitra سِٽرَ

   *In these words, the vowel-less consonants 'p, dh, dd and t' پ, ڌ, ڪ and ٽ have made unison with coming long or short vowel consonants 'ya, ya, yo, ra' يا, يا, يو and رَ to form cluster of sounds. پيا, ڌيا, کيو, ٽرَ Vowel-less consonants used in these examples can be named 'Cluster Opening vowel-less Consonants'; because, those vowel-less consonants open the respective clusters.*

*Dr. Ghulam Ali Allana has mis-understood the very concept of 'Cluster of Sounds'. In his book 'Sindhi Soorat khati' he has given the reference of Lachhman Khubchandani's work. In that work Khubchandani has given deep insight only on single type of local vowel-less consonants which can be named 'Cluster Opening Vowel-less Consonants'. Here Dr. Allana's mis-understanding is that he has not conceived the difference between 'Cluster Closing Vowel-less Consonants' and 'Cluster Opening vowel-less Consonants' and has comprehended them both as same. For instance, clusters of sounds لّم, ڪّت, طّل in words عِلّمُ, مَڪّتَبُ, مَطّلَبُ are wrongly exemplified by him. While, the correct cluster formation will be عِلّ, مَڪّ, مَطّ for those words.*

*In Sindhi Orthography one type of sign 'ّ' is used colloquially for 'Cluster Closing Vowel-less Consonants', so that for 'Cluster Opening Vowel-less Consonants' must be used another sign, for suppose 'ْ'.*

*This paper aims at conducting the thorough study of two types of 'Clusters of Sounds' in Sindhi language and difference between them.*






## پس منظر:

ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۽ ان جي صورتخطيءَ ڪي ڏسي اهو خيال جڙي ٿو تہ 'آواز' ۽ 'اکر' ڪي الڳ الڳ ڏسڻ يا جاچڻ جي گهرج آهي. فرض ڪريو تہ لفظ 'ڪَٿَ' ۾ اکر ٻہ آهن، پر آواز (Sounds) چار آهن؛ 'ٻارُ' ۾ اکر ٽي آهن، پر آواز چار آهن؛ 'ماکي' ۾ اکر چار آهن تہ آواز بہ چار آهن؛ 'ڏينهُن' ۾ اکر پنج آهن، پر آواز چار آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ 'آواز' ۽ 'اکر' ڪي ڌار ڌار دائري ۾ پرکڻ گهرجي. سنڌ ريڊنگ پروگرام جي نگرانيءَ هيٺ فيلڊ ۾ ڪم ڪرڻ دوران اهو محسوس ڪيو ويو تہ اسان جا اڪثر استاد آواز ۽ اکر جي معاملي ۾ ڪافي مونجهاري جو شڪار رهن ٿا. ظاهر آهي تہ اهو ان معاملي ڪي پيرائتو بيان ڪرڻ بہ ڪتابي صورت وٺي ويندو. اسان وٽ تعليم ۾ هونئن بہ رواج پٽاندر 'اکر' کان 'آواز' ڏانهن وڃڻ جي ٽيڪنڪ ڪم آندي ويندي آهي، جڏهن تہ 'آواز' جي پهرين حيثيت آهي ۽ اکر جي حيثيت ثانوي!

هتي جزم جي درست استعمال بابت ڪجهہ ويچار ونڊجن ٿا، جنهن ڪي ٻن رخن کان ڏٺو ويندو. جزم جو استعمال عام طور ڳنڍيل/ ٻٽن وينجن آوازن جي صورت ۾ ڪيو ويندو آهي.

• **آواز پٽاندر:** جزم جو تعلق اکرن سان آهي، جنهن جي هِجي ۾ هڪ متحرڪ ٻيو ساڪن ملايو ويندو آهي. آواز/ ٻوليءَ جي نسبت هي ڳنڍيل/ ٻٽا وينجن آواز



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(Cluster of Sounds) هوندا آهن، جنهن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ هڪ سُر (Vowel) شامل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ان جا ٻه انداز آهن:

١. پهريون متحرڪ، ٻيو ساڪن (گهنٽي- گهه 'اِ' جي سُر يعني زير سان متحرڪ، ن ساڪن)

٢. پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ (جيئن: پيار- پ ساڪن، ي 'آ' جي ڊگهي سُر آواز يعني مد سان متحرڪ)

• **اکر پٽاندر:** جزم، هڪ اکري علامت آهي، جيڪا ٻٽن وينجن آوازن (Cluster of Sounds) جي جوڙ مان ساڪن وينجن آواز جي نمائندگي ڪندڙ اکر تي رکي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيل/ ٻٽن وينجن آوازن جا ٻه رخ ٿين ٿا:

١. گِهنٽِي ('گهه' کان 'ن' ڌانهن اڳتي، 'گهن' جوڙ ۾ 'ن' ساڪن)

٢. پيارُ ('ي' کان 'پ' ڌانهن پوئتي، 'پيہ' جوڙ ۾ 'پ' ساڪن)

جديد صوتيات جي عالم 'فرٿ' (Firth) ان وينجن آوازن جي جوڙ مان هڪ لاءِ zero vowel جو اصطلاح ڪم آندو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا جزم کي بغير سر (vowel less) وينجن ڪوٺيندي ڄاڻائي ٿو ته: "ٻن ڌار ڌار آواز وارن ويجنن جي ميڙ (cluster of two consonants) جي لکيل صورت ڏيکارڻ لاءِ، ساڪن آواز مٿان جزم ڏبي آهي؛ مثلاً: عِلّمُ، جِسّمُ، صَدّر. هنن لفظن ۾ 'ل'، 'س' ۽ 'د' مٿان ڏنل جزم ڏيکاري ٿي ته انيءَ صورت وارا آواز ساڪن (vowel less) آهن، ۽ پر واري پوئين آواز (second component of the cluster) سان شامل ٿي متحرڪ ٿين ٿا."(الانا، ١٩٩٣: ١١٤- ١١٥)

ڊاڪٽر الانا جي جزم بابت ڄاڻايل وصف ڪافي منجهيل آهي. پاڻ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صورتخطيءَ' ۾ جيڪو 'جزم' جو دائرو ڏنو اٿن سو رواج پٽاندر هٽرادو آهي. جزم بابت الانا صاحب لکي ٿو: "وچيان ٻٽا آواز ۽ جزم: ١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌي صورتخطي کي ٻيهر ترتيب ڏيو ويو، تڏهن ان وقت جا عالم- ديوان ننديرام، ديوان اُڌارام، سيد ميران محمد شاهه، قاضي غلام علي ۽ ٻيا- عربي ۽ پارسيءَ جا چڱا ڄاڻو هئا. هنن لفظن جي پدن تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو. اهي صاحب جزم ۽ شد جي چڱي پر واقف هئا. انهيءَ کان سواءِ هو يا ته عربي رسم الخط جي اصولن کان واقف هئا، يا ته عربي لفظ بلڪل ائين لکيائون، جيئن پارسي لغتن ۾ ڏنائون. مثال طور: ٻن وينجنن جي 'گڏيل آوازن' جي تحريري صورت ڏيکارڻ لاءِ،





ٻنهي صورتن مان 'ساڪن حرف صحيح' مٿان جزم ڏئي، 'گڏيل آوازن' کي تحريري صورت ڏنائون، جيئن:

| عربيءَ ۾ صورت | سنڌيءَ ۾ صورت |
| --- | --- |
| عِلّم | عِلّمُ |
| مَڪّتَب | مَڪّتَبُ |
| مَطّلَب | مَطّلَبُ |

مٿين لفظن ۾ 'ل'، 'ڪ' ۽ 'ط' صورتن وارا آواز [لّم]، [ڪّت] ۽ [طّل] گڏيل آوازن ۾ ساڪن آهن."(الانا، ١٩٩٣: ١٤٠- ١٤١)

جزم جي استعمال بابت ڊاڪٽر الانا جو خيال مٿينءَ وضاحت مان چٽو ملي ٿو ته الانا صاحب 'علّم' لفظ ۾ 'لّ' ساڪن کي 'م' سان متحرڪ سمجهي ٿو، جنهن جي وضاحت سنڌس ڪيل ڇيد مان معلوم ٿي سگهي ٿي.

**مسئلي جو سوال:**

جزم جي درست استعمال بابت هيٺيان سوال تمام اهم آهن:

- ٻٽن وينجن آوازن مان ڪهڙو آواز ساڪن رهندو آهي؟ اڳيون يا پويون.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽن آوازن (متحرڪ ۽ ساڪن) جا گهڻا قسم آهن؟
- جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻٽن آوازن جا ٻئي رخ ڪم اچن ٿا ته ڇا ساڳي جزم جي علامت کان ٻئي ڪم وٺي سگهجن ٿا؟

**گڏيل/ ٻٽن وينجن آوازن ۽ جزم جي استعمال جو اڀياس:**

لفظ جزم جي لغوي ۽ سماجي معنيٰ ڪارڻ هيٺين لغتن کي ڏسجي ٿو:

- جامع سنڌي لغات موجب: جَزّم جمع جزمون: علم اِملاء موجب حرف کي ساڪن ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل خاص نشاني (ـْ) جيڪا ڏيکاري ته حرف تي نه زبر آهي، نه زير آهي، نه پيش.
- سائل ڪوش موجب: حرف کي ساڪن ڪندڙ نشاني، سُڪون. حرف کي ساڪت (ماٺي آواز وارو) ڪندڙ نشاني. حرف صحيح جي مٿان اعرابن جي غير موجودگي ڏيکاريندڙ نشاني.(سائل، ٢٠٠٩: ١٨١)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لغتن مان معنائن لهڻ بعد فيروزاللغات عربي- اردو جي مدد سان جزم جو اشتقاق پيش ڪجي ٿو:

- جزم: جَزِم- فَعَل- مصدر
- جَزَمَ- ضرب باب موجب- هن ڏينهن ۾ هڪ دفعو کاڌو، سيراب ٿيو، مضبوط ڪيو، پورو ڪيو، روانيءَ سان لکيو، لازمي قرار ڏنو.
- جَزَمَ و جَزّمَ = عاجز ٿي ويو، بزدل ٿي ويو، خاموش ٿي ويو.(فيروز، ۱۹۶۹)

مٿين بنيادي لفظن جي معنائن ۾ اهم معنيٰ 'عاجز ٿيڻ'، 'خاموش ٿيڻ' مفقود آهي، جيڪا صورتخطيءَ موجب جزم سان لاڳاپيل آهي.

اصل ۾ اها ڳالهه واضح هئڻ گهرجي ته جزم هڪ اکري علامت آهي، جيڪا ڪنهن آواز کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. هتي ڊاڪٽر الانا جي ڏنل مثالن (علم، مطلب ۽ مکتب) مان سوال اهو ٿو اڀري ته ٻٽن وينجن آوازن مان جنهن آواز جي اکر مٿان جزم ڪم آڻجي ٿي، ان جو لاڳاپو اڳئين اکر سان ٿيندو يا پوئين سان؟ يعني لفظ 'علْم' مان 'ل' مجزوم آهي، ته ان جو لاڳاپو اڳئين 'ع' سان ٿيندو يا پوئين 'م' سان؟

جزم جي عام استعمال ۽ ڊاڪٽر الانا جي استعمال کي ڏسي ماڻهو مونجهاري جو شڪار ٿي وڃي ٿو ته 'علم، مطلب ۽ مکتب' ۾ٻٽا آواز: [لْم]، [کْت] ۽ [طْل] ٿيندا يا [علْ]، [مکْ] ۽ [مطْ] ٿيندا؟

ان ڳنڀير معاملي کي پرکڻ عام استعمال کي ڏسڻ لازمي آهي، جنهن بعد هڪ مضبوط خيال جڙي سگهندو.

جزم جو اهڙو دائرو 'سنڌي درسي ڪتاب- پهرئين ڪلاس لاءِ' ۾ پڻ ڄاڻايل آهي، جيڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو: "جزم کي سڪون به چئبو آهي. جنهن اکر جي مٿان اهڙو نشان هجي، ان کي ساڪن چوندا آهن. ساڪن اکر کان اڳ واري اکر تي زبر، زير يا پيش ايندو آهي. هي ساڪن اکر ان اڳئين اکر سان ملائي پڙهبو آهي. مثال: اَمْ، اَنْ، لَمْ، اَلْ، مِنْ"(درسي پهريون ڪتاب، ۲۰۱۰: ۶۳)

اردو ٻوليءَ جي ماهر، پروفيسر سيد محمد سليم جزم جي دائري بابت لکيو آهي: "یہ عدم حرکت کی علامت ہے، یہ حرف کے اوپر لکھی جاتی ہے۔ جس حرف پر یہ علامت لکھی جاتی ہے، اس کو مجزوم یا ساکن کہتے ہیں۔ تخفیف کے خ کے سر سے یہ علامت ماخوذ ہے جیسے دِلْ۔"(سليم، 1981: 32)





پروفيسر سيد محمد سليم جزم جي دائري بابت لکندي به- اکرو مثال (دِلْ) پيش ڪيو؛ سنئي ڳالهه اها آهي جو هن پنهنجي مثال ۾ به- اکرو لفظ ڏنو آهي، جنهن مان اهو واضح طور تي سمجهي سگهجي ٿو ته ساڪن آواز آهي مجزوم اکر اڳئين متحرڪ آواز / اکر سان ڳنڍبو آهي. ان صورت ۾ صرف اڳيون اکر/ آواز متحرڪ رهندو، باقي ٻيو ملندڙ آواز ساڪن/ غير متحرڪ ئي رهندو.

عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ جزم جي مراد ڪنهن آواز کي ساڪن/ غير متحرڪ ڪرڻ آهي. عربيءَ مان جنهن حالت ۾ سنڌيءَ ۾ منتقل ٿي آهي، ان جو ڪم اڳئين متحرڪ آواز کي ايندڙ غير متحرڪ آواز سان ملائڻو هوندو آهي؛ ائين ڪٿي چئجي ته مجزوم اکر/ ساڪن آواز کي اڳئين متحرڪ اکر/ آواز سان ملايو ويندو آهي، مثلاً:

لفظ 'مُحّتاج' ۽ 'مُحّسِن' ۾ 'مُحّ' گڏيل اکر/ ٻٽا آواز آهن، جنهن ۾ پهريون متحرڪ ۽ ٻيو ساڪن آهي؛ جڏهن ته 'حّ' ساڪن جو، ڳنڍجڻ جي بنياد تي، ترتيبوار 'ت' ۽ 'س' سان ڪو تعلق ناهي. ان مان اهو واضح ٿيو ته مجزوم اکر/ ساڪن آواز جو تعلق اڳئين اکر/ آواز سان آهي، پوئين سان ناهي.

**متحرڪ آواز جو جزم سان تعلق:**

جزم مان مراد ڪنهن آواز/ اکر کي ساڪن بڻائي، اڳئين متحرڪ آواز/ اکر سان ملائڻو هوندو آهي، هيٺ ڪجهه لفظ پد (Syllable) جي صورت ۾ ٽوڙي، پيش ڪيا ويا آهن:

| جزم جو استعمال | آوازن جو ڇيد |
|---|---|
| شِرّڪُ | شِرّ + ڪُ |
| تَحّقِيق | تَحّ + قِي +قَ |
| مَخّرَج | مَخّ + رَ + جُ |

مٿين لفظن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته ساڪن آواز/ اکر اڳئين/ شروعاتي متحرڪ آواز/ اکر سان ملندو.

**مشدد آواز سان جزم جو تعلق:**

شدّ مان مراد ڪنهن آواز جو ٻٽو هجڻ آهي، جنهن ۾ پڻ ٻٽو (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ) آواز ٿيندو آهي؛ هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته شدّ واري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻٽن آوازن مان پهرئين ساڪن جو لاڳاپو بہ اڳئين/ شروعاتي متحرڪ سان هوندو آهي، نہ ڪي شدّ واري متحرڪ آواز سان! مثلاً:

| آوازن جو ڇيد/ هِجي | مشدد آواز |
|---|---|
| رَبّ + بُ = رَبُّ | رَبُّ |
| شَڪّ + ڪُ = شَڪُّ | شَڪُّ |
| سَتّ + تا + رُ = سَتّارُ | سَتّارُ |
| اِتّ + تِ + فا + قُ = اتّفاق | اِتّفاقُ |

مٿين مشدَدن مان بہ اهو واضح ٿيو تہ شدّ (ٻٽو آواز يا گڏيل اکر) ۾ پهريون آواز ساڪن هوندو آهي، ليڪن ان جو تعلق بہ (مشدد اکرڪان هٽي ڪري) اڳئين متحرڪ سان رهندو، نہ ڪي پوئين متحرڪ سان، جيڪو شدّ ۾ سمايل آهي.

لفظن ۾ ڄاڻايل مجزوم اکر جي اِيپاس مان اها ڳالهہ واضح ٿي بيهي ٿي تہ 'جزم' جو عام استعمال خاص طور عربي لفظن جي نسبت ائين ٿو رهي تہ 'علم، مطلب ۽ مکتب' ۾ٻئا آواز: [عِلّ]، [مَڪّ] ۽ [مَطّ] ٿيندا، [لَم]، [ڪَت] ۽ [طَل] نہ ٿيندا. ان حوالي سان ڊاڪٽر الانا جو ڄاڻايل جزم جو دائرو رد ٿيڻ جوڳو سمجهڻ گهرجي.

حقيقتن ڊاڪٽر غلام علي الانا اها ڳُل تڏهن پليو آهي جڏهن لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي ڄاڻايل ديسي ٻٽن آوازن (Cluster of Sounds) جو اِيپاس ڪيائين. دراصل سنڌي ٻوليءَ توڙي جو هن خطي جي ڪجهہ ٻولين، هندي/ سنسڪرت، پشتو يا بلتي وغيره ۾، ڪي لفظ اهڙا بہ ملن ٿا، جن جي ٻٽي آواز ۾ 'پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ' ٿئي ٿو. هي معاملو اهڙو آهي، جنهن تي ڪو خاطر خواه ڪم ٿي ڪونہ سگهيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا هن معاملي ڪي لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو تہ: "سنڌي ڪتابن ۾ 'ڏيان'، 'پيار' ۽ 'ڪياڙي' لفظن ۾ [ڏ]، [پ] ۽ [ڪ] ڪي ساڪن نہ سمجهجي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ هيٺ [اِ] سُر ڏنو ويو آهي، جيتوڻيڪ [ڏِيَ]، [پِيَ] ۽ [ڪِيَ] وغيره اڌارن ورتل لفظن جو حصو آهن، پر ديسي صوتياتي سرشتي موجب گڏيل آواز آهن، جي سنڌي صوتياتي خصوصيتن جا حامل آهن. انهن گڏيل





آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهٽي ضرورت آهي. /پِريم/ ۽ /ڏِيان/ وغيره لفظن ۾ پهريان ساڪن آواز، ٻئي جوڙ سان گڏ، گڏيل آواز کان پوءِ ڪم ايندڙ سُر سان متحرڪ ٿين ٿا." (الانا، ١٩٩٣: ١٤٤-١٤٥)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو ديسي گڏيل آوازن ڏانهن اشاري ۽ درست صورتخطيءَ لاءِ سفارش مان اها وضاحت ٿئي ٿي تہ هن معاملي ڪي ڊاڪٽر صاحب درست ڄاڻو آهي ۽ انهن گڏيل آوازن (پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ) ڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ هجڻ ڪي تسليم ڪري ٿو. معياري ٻولي/ ساهتيءَ جي لهجي ۾ ڪم ايندڙ /ٽِر/، /ڊِر/ ۽ /ڍِر/ صوتيا بہ ان معيار تي ايندا آهن.

ديسي ٻٽن آوازن (Cluster of sounds) جي نسبت ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل دائري پٽاندر لفظ 'پيار' جي 'پ' ڪي ساڪن ڄاڻي، جزم جي استعمال جي راءِ رکي ٿو. 'پ' جي ساڪن هجڻ ۾ ڪو شڪ ڪونهي، پر 'جزم' جي استعمال ۾ اختلاف ان سبب رکجي ٿو جو جزم واري استعمال جي رخ ۾ فرق بيهي ٿو. يعني جزم جو دائرو 'ڪنهن ساڪن آواز ڪي اڳئين متحرڪ آواز' سان ملايو ويندو آهي، جڏهن تہ ديسي ٻٽن آوازن ۾ 'ڪنهن ساڪن آواز ڪي پوئين متحرڪ آواز' سان ملايو ويندو آهي. ان سبب هڪ ئي علامت ڪان ان جي مستعمل رخ ڪان هٽي ٻئي رخ ۾ استعمال ڪرڻ سان مونجهارو رهندو.

**تبصرو:**

هن اِيپاس مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽن آوازن (Cluster of sounds) جا ٻہ قسم سامهون آيا آهن:

١. عربي صورتخطيءَ جي نسبت ٻٽن آوازن ۾ 'پهريون متحرڪ- ٻيو ساڪن'، جيئن:

- عِلْمُ (هن ۾ 'ل' ڪي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪيو ويو آهي، جنهن جو جوڙ 'ع' سان ملائي [عِلّ] اچاربو. يعني 'ل' ساڪن، اڳئين متحرڪ آواز 'ع' سان ملائبو.
- مَطْلَبُ (هن ۾ 'ط' ڪي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪيو ويو آهي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن جو جوڙ 'مر' سان ملائي [مَطَ] اچاربو. يعني 'ط' ساڪن، اڳئين متحرڪ آواز 'مَر' سان ملائبو.

- مَڪْتَبُ (هن ۾ 'ڪ' کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪيو ويو آهي، جنهن جو جوڙ 'مر' سان ملائي [مَڪْ] اچاربو. يعني 'ڪ' ساڪن، اڳئين متحرڪ آواز 'مَر' سان ملائبو.
- گهِنْتي (هن ۾ 'ن' کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪيو ويو آهي، جنهن جو جوڙ 'گهر' سان ملائي [گهِنْ] اچاربو. يعني 'ن' ساڪن، اڳئين متحرڪ آواز 'گِهر' سان ملائبو.

٢. ديسي صورتخطيءَ جي نسبت ٻڻن آوازن ۾ 'پهريون ساڪن- ٻيو متحرڪ'، جيئن:

- پْيارُ (هن ۾ 'پ' کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪرڻو پوندو، جنهن جي جوڙ ۾ 'پ' ساڪن کي متحرڪ 'ي' سان ملائي [پيا] اچاربو. يعني 'پ' ساڪن، پوئين متحرڪ آواز 'يا' سان ملائبو.)
- ڏُکيو (هن ۾ 'ڪ' کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪرڻو پوندو، جنهن جي جوڙ ۾ 'ڪ' ساڪن کي متحرڪ 'ي' سان ملائي [ڪيو] اچاربو. يعني 'ڪ' ساڪن، پوئين متحرڪ آواز 'يو' سان ملائبو.)
- سورهيُ (هن ۾ 'رھ' وسرڳ کي ساڪن ڏيکارڻ لاءِ مجزوم ڪرڻو پوندو، جنهن جي جوڙ ۾ 'رھ' ساڪن کي متحرڪ 'ي' سان ملائي [رهيُ] اچاربو. يعني 'رھ' ساڪن، پوئين متحرڪ آواز 'يُ' سان ملائبو.)

### مسئلي جو حل:

ڊاڪٽر الانا صاحب جنهن نوعيت جو ساڪن آواز ڇاٽايو آهي، تنهن لاءِ الڳ نشانيءَ جي ضرورت آهي: ڇو جو اصولي طور ڪنهن نشانيءَ کان صرف هڪ نوعيت جو ئي ڪم وٺي سگهجي ٿو- ان کان مقرره دائري کان ٻاهر ڪم نہ ٿو وٺي سگهجي.





مثال طور سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ٿو تہ لفظ 'ڏکيو' ۾ 'ڪ' ۽ 'ي' ديسي گڏيل آواز/ مرڪَّب آواز 'ڪَيَ' ۾ پهريئين آواز 'ڪ' تي جزم آهي. مونجهارو اهو آهي تہ لفظ 'ڏکيو' ۾ اهو واضح نہ ٿو رهي تہ 'ڪَ' واري جزم جو لاڳاپو مستعمل ڍنگ پٽاندر 'ڏ' سان ٿيندو يا 'ي' سان؟

ان صورت ۾ جزم جي علامت جون ٻہ صورتون بيهارڻيون پونديون: ان سواءِ ٻي ڪا واٽ ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ساڪن آوازن جون ٻہ ٻہ صورتون سامهون اچن ٿيون. هڪ حوالي سان سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻہ 'جزم' جون ٻہ صورتون ڪم آندل آهن، هڪ: عام (ْ) ٻي: اوائلي (ْ)؛ بهتر ٿيندو تہ الانا صاحب جي بحث هيٺ آيل 'پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ' واري مرڪَّب آواز تي 'جزم' جي ٻي صورت ڪم آڻجي ۽ ان جا ڪي دائرا مقرر ڪجن تہ مونجهارو حل ٿي سگهي ٿو: مثلاً:

- جزم جي عام صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، اڳئين متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍيجي؛ جيئن: عِلْم، گهِنْتي وغيره.
- جزم جي اوائلي صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، پوئين متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍيجي؛ جيئن: پْيار.
  - منڍ ۾ ايندڙ: پْيار، ڏْيان، گْيان، ڪْياڙي وغيره.
  - وچ ۾ ايندڙ: ڏُکْيو، پَرْيل، سُورْهيُ (رھ وسرڳ)، مڪْيُ وغيره.

**اختصار:**

- جزم لفظ جي لغوي معنيٰ 'خاموش ٿيڻ' آهي، صورتخطيءَ جي لحاظ کان هن اصطلاح مان مراد ڪنهن آواز کي ساڪن/ اکر کي مجزوم ڪرڻ هوندو آهي، جنهن جو تعلق اڳئين متحرڪ وينجن آواز/ اکر سان هوندو آهي، جيئن: دِلْ.
- صوتيات جي عالم 'فرٿ' جزم کي zero vowel ڪوٺيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ان کي بنان سر (vowel less) وينجن ڇاٽايو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- جزم جي دائري بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو خيال مونجهاري وارو آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ساڪن وينجن آواز/ مجزوم اکر کي پويان ايندڙ وينجن آواز سان ملائي متحرڪ بڻائي ٿو. جزم جو اهو ڍنگ هٽرادو آهي.
- ڊاڪٽر الانا جو ڄاڻايل مستعمل جزم جو دائرو هٽرادو آهي، ان سبب ’عِلۡمُ، مَطۡلَبُ ۽ مڪۡتَبُ‘ لفظن جي پد (Syllable) جي صورت ۾ هِجي مستعمل دائري پٽاندر هيٺين ريت ٿيندي:
    - ♦ عِلۡمُ = ع، ل زير عِلۡ، م پيش مُ = عِلۡمُ (ٻہ پد)
    - ♦ مَطۡلَبُ = م، ط زبر مَطۡ، ل زبر لَ، ب پيش بُ = مَطۡلَبُ (ٽي پد)
    - ♦ مَڪۡتَبُ = م، ڪ زبر مَڪۡ، ت زبر تَ، ب پيش بُ = مَڪۡتَبُ (ٽي پد)
- ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل ديسي ڳنڍيل آوازن (Cluster of Sounds) بابت اصولي راءِ تمام اهم آهي، جنهن ۾ ساڪن آواز کي پويان ايندڙ آواز سان ملائبو آهي، جهڙوڪ: پيارُ، ڏُکيو، سِٽرَ وغيره. صورتخطيءَ جي لحاظ کان جيئن تہ جزم جو ڪم ساڪن آواز کي اڳئين آواز سان ملائڻ هوندو آهي، ان صورت ۾ديسي ڳنڍيل آوازن ۾ ڊاڪٽر الانا جو ڪم آندل جزم جو انداز درست ناهي. ڇاڪاڻ تہ جزم ڪان، سندس مستعمل دائري ڪان هٽي ڪري، ٻئي پاسي وارو ڪم نہ ٿو وٺي سگهجي.
- ديسي ڳنڍيل وينجن آوازن ۾ بيشڪ پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ آواز ٿئي ٿو، ان لاءِ اسان کي ڪا ٻي علامت ڪم آڻڻي پوندي، جيڪا جزم جي بلڪل ويجهو هجي. منهنجي ذاتي راءِ موجب ان حالت ۾ اوائلي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم آندل جزم (ڪنهن اکر مٿان ننڍڙي گولڙي) ڪان، ڪي دائرا مقرر ڪري، اهڙو ڪم وٺي سگهڻ جي راءِ عرض رکجي ٿي.





## حوالا

١. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، (١٩٩٣ع)، ’سنڌي صورتخطي‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.

٢. جڙياسنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر، (٢٠٠٩ع)، ’سائل ڪوش‘، ڇاپو ٻيون، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.

٣. سید محمد سلیم پروفیسر (١٩٨١ع)، ’اردو رسم الخط‘، مقتدرہ قومی زبان، کراچی.

٤. فیروز الدین، مولوی، الحاج، (١٩٧٩ع)، فیروز اللغات عربی۔ اردو، فیروز سنز، کراچی.